Physical Education, Health and Social Sciences

https://journal-of-social-education.org E-ISSN: 2958-5996

P-ISSN: 2958-5988

# Modern Short Story: A Research-Based and Critical Analysis of Structure, Themes, and Technical Composition

**Dr. Sikandar Ahmed Panhyar[1], Dr. Amir Ali Shah[2], Ashique Hussain Depar[3]**

[1] Lecturer Sindhi, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

[2] Associate Professor, Department of Sindhi Language & Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Benazir Abad, Nawab Shah.

[3]Head Master,Government Boys,Elementary School Dabbar,Khairpur

**DOI: https://doi.org/10.63163/jpehss.v3i3.820**

**Abstract**

When we use the term story, we specifically mean a "short story," which is referred to in English as a "Short Story.The short story is a product of the modern era. Its emergence is significantly influenced by contemporary complexities and human preoccupations, especially at a time when people had limited time to read due to the demands of daily life and the challenges of modernity. In response to this need, literature developed that was brief yet meaningful, designed to be read in a single sitting. The short story reflects social issues, human emotions, and the spirit of the nation, while maintaining its own artistic style and aesthetic principles distinct from novels or dramas. Key literary features include unity of impression, plot structure, characterization, and conciseness. Its themes can encompass various aspects of human life, such as love, hatred, joy, sorrow, and political, social, or economic realities. The title, introduction, and opening sentence must be engaging to captivate the reader. Overall, the short story is a literary form that presents human emotions, events, and social realities in a concise and impactful manner. A story is an important creative genre; although it often contains fictional elements, these are based on certain truths, through which past events of life and occurrences of the era can be clearly observed.

This study follows Qualitative Research principles, using Textual Analysis to examine the technical aspects of modern and traditional stories, Critical Review to assess critics' views, Comparative Method to contrast stories with novels and dramas, and Thematic Analysis to explore themes, characters, plots, and effects. The research aims to analyze the technical composition of modern short stories, their stylistic features, and the influence of contemporary human experiences.

Research Questions: What are the key technical elements of modern short stories? How do contemporary conditions affect style and theme? How do stories differ from novels and dramas? How do social and psychological factors influence theme selection? How do modern stories meet current literary needs?

The study concludes that modern short stories are a vital literary form, effectively portraying human life, social conflicts, and emotions in a concise and meaningful way.

Keywords: Modern Short Story, Plot, Characterization, Unity of Impression, Fiction, Modernism, Narrative Technique, Sindhi Story, Themes, Literary Analysis

# جديد ڪهاڻي: بناوٽ، موضوعات ۽ فني جوڙجڪ جو تحقيقي ۽ تنقيدي تجزيو

ڪهاڻي جديد دور جي پيداوار آهي. ڪهاڻي جي پيداوار ۾ موجوده دور جي مونجهارن ۽ انساني مصروفيت کي اهم دخل حاصل آهي. هيءَ صنف ارڙهين صديءَ جي پيداوار آهي. ارڙهين صديءَ ۾ يورپ ۾ جڏهن صنعتڪاريءَ جو دور آيو ته ماڻهن جي زندگي ايتري ته مشغول ٿي وئي جو ادب پڙهڻ لاءِ تمام گهٽ وقت وڃي بچيو. دنيا ۾ هڪ پاسي انسان کي نيون نيون ۽ جديد سهولتون حاصل ٿي رهيون هيون ته ٻئي پاسي سندس مسئلن ۾ به بي حساب واڌارو ٿي رهيو هو، جنهن جي ڪري نون نون مسئلن ۽ مونجهارن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. انهن مسئلن ۽ مونجهارن کي منهن ڏيڻ ڪا سولي ڳالهه نه هئي. انهن مصيبتن، مسئلن ۽ مونجهارن کي منهن ڏيڻ لاءِ انسان کي جذباتي ۽ ذهني ڪاوشن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ سندس جيئڻ محال ٿي ويو. سندس مصروفيتن ۾ واڌاري ۾ وٽس ايترو وقت ڪونه رهيو جو هُو ٿُلهن ۽ ضخيم ڪتابن جو اڀياس ڪري سگهي، جنهن وسيلي هُو وندر ۽ اڀياس ڪري سگهي ۽ پنهنجي روحاني اڃ اجهائي سگهي. ان ڪري ضرورت محسوس ڪئي وئي ته اهڙو ادب لکجي جيڪو مختصر به هجي ۽ با معنیٰ پڻ. ان ڪري افسانن لکڻ جو رواج پيو ۽ ڪهاڻي اهڙي ضرورت تحت ايجاد ٿيو. ڪهاڻي مختصر به آهي ته منجهس ذهني غذا جو به پورو بندوبست ڪيل هوندو آهي. ڪهاڻي سماج جي مسئلن جو عڪس هجڻ سان گڏوگڏ قوم جي جذبات جو ترجمان پڻ آهي. ناول ۽ ٻين نثري صنفن جي ڀيٽ ۾ هڪ اهو به سبب آهي ته ڪهاڻي کي مختصر ۽ هڪڙي نشست ۾ پڙهي پورو ڪجي ٿو.

جڏهن اسان لفظ ڪهاڻي استعمال ڪندا آهيون، ته ان مان اسان جو مقصد ”مختصر ڪهاڻي“ يا ”مختصر ڪهاڻي“ هوندو آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ شارٽ اسٽوري (Short Story) چيو ويندو آهي. ڪهاڻي جي وصف بابت مختلف نقادن مختلف رايا ڏنا آهن، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو چوڻ آهي ته، ”لغوي لحاظ کان هر ڪهاڻيءَ کي ڪهاڻي چئي سگهجي ٿو، پر مختصر ڪهاڻي جا ڪي فني لوازمات مقرر ڪيا ويا آهن، مثلاً: وحدتِ تاثر، رمزيت، ايمانيت ۽ مواد جي فنڪارانه ترتيب وغيره. ڪهاڻي جو فن خارجي ۽ عوامي آهي ته داخلي ۽روحاني به آهي، انهيءَ ڪري ڪهاڻي پُر اثر ۽ دلڪش ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو ڪهاڻيڪاريءَ جي انفراديت، ان ادب جي قومي مزاج ۽ ان ملڪ جي تهذيب ۽ تمدن جي پوري پوري آئينه دار ٿئي ٿي.“ (1)

ڪهاڻي، ڪهاڻيي ادب (Fiction) جو قسم آهي، جنهن جي معنیٰ آهي ڪوڙو، خيالي يا فرضي قصو. جڳ مشهور انگريز نقاد وليم هينري هڊسن تاريخ کي ڪهاڻي سان ڀيٽيندي لکيو آهي ته، ”تاريخ ۾ نالا سچا ڳالهه ڪوڙي هوندي آهي ۽ ڪهاڻي ۾ نالا ڪوڙا ۽ ڳالهه سچي هوندي آهي.“ (2)

شاعريءَ وانگر ڪهاڻي جي ڪا جامع ۽ مڪمل تعريف ناممڪن آهي. ڪهاڻي انساني مسئلن، جذبن، محبتن، نفرتن، خواهشن وغيره جي ترجمان آهي. آمريڪي ڪهاڻيڪارايڊ گرايلن پو جو چوڻ ته، ”ڪهاڻي هڪ اهڙو ننڍو داستان آهي، جيڪو هڪ ئي ساهيءَ (نشست) ۾ پڙهي ختم ڪري سگهجي ٿو، جيڪو هڪ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هجي. جيڪي ڳالهيون هڪ تاثر پيدا ڪرڻ ۾ مدد نه ڪنديون هونديون، سي ڪهاڻي ۾ ضمني طور به نه اينديون.“ (3)

هن جي وصف موجب ڪهاڻي هڪ اهڙي مختصر صنف آهي، جنهن کي وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلاڪ ۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي ٿو. هن مان ظاهر ٿيو ته ڪهاڻي ايترو مختصر هئڻ گهرجي، جو ان کي هڪ نشست ۾ پڙهي پورو ڪجي. پوءِ به اها وصف اڻ پوري آهي، ڇاڪاڻ جو هن ۾ ڪهاڻي جي فني خصوصيتن جو ذڪر ٿيل نه آهي. جيتوڻيڪ ايڊ گرايلن پو ابتدائي ڪهاڻي نويسن ۾ خاص اهميت رکي ٿو، پر اها ڪهاڻي جي جامع تعريف نه آهي. ڪهاڻي ۾ اختصار کان سواءِ ٻين ڳالهين جي به ضرورت آهي. هي هڪ فن آهي، جنهن کي نثري ادب جو معراج چئي سگهجي ٿو. هن کي پنهنجا جمالياتي ۽ فني اصول آهن.

سر هگ ڊبليو مطابق، ”مختصر ڪهاڻي مختصر ئي هئڻ گهرجي، يعني واقعن ۽ حادثن جو مجموعو، جنهن ۾ چرپر جي رفتار تيز هجي، ارتقا غير متوقع هجڻ ڪري ڪهاڻي هڪ غير يقيني حالت مان گذرندي عروج تائين پهچي ۽ پڄاڻي تسلیٰ بخش ٿئي.“ (4)

اهڙيءَ طرح آءِ. بي. ايچ جي نظر ۾، ”ڪهاڻي هڪ مختصر تخيلي تخليق آهي، جنهن ۾ ڪنهن هڪ مخصوص ڪردار جو نقشو پلاٽ ذريعي اهڙي طرح اپاريو وڃي ٿو جو پلاٽ جي ترتيب ۽ تنظيم مان اهڙو مخصوص واحد تاثر پيدا ٿئي ٿو.“ (5)

دي ورڊ بوڪ انسائيڪلوپيڊيا ۾ ڪهاڻي جي وصف هن ريت ڏنل آهي ته، ”ڪهاڻي هڪ ادب پاره آهي، جو ڪنهن به حڪايتي انداز ۾ لکيل ٿئي ٿو، مگر خالصتاً حقيقت تي مبني نه آهي. هڪ ناول يا ننڍي ڪهاڻيءَ ڪي ڪهاڻي چئجي ٿو.“ (6)

انسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنس ۾ آهي ته، ”ڪهاڻي اهو ادب پاره آهي، جنهن ڪي حقيقي زندگيءَ ۾ ڪو به سچو مفهوم ناهي.“ (7)

ارنيسٽ بيڪر پنهنجي ڪتاب ”انگريزي ناول جي تاريخ - جلد اول“ ۾ ڪهاڻي جي حقيقت ڄاڻائيندي لکي ٿو ته، ”ڪهاڻي جي دنيا ٻيءَ روز مره جي ڏنل وائنل دنيا وانگر آهي، جنهن ۾ انساني شڪليون رهن ٿيون. ليڪن اسان مان ڪن ٿورن شخصن جو واهپو اهڙي قسم جي انسانن سان پيو هوندو، تاهم ان حيرت انگيز مخلوق جي وڏي اڪثريت اصل سان مطابقت رکي ٿي ۽ انهن جو وجود حقيقت نگارانه طريقي جي پيداوار آهي.“ (8)

پريمچند، ڪهاڻي جي باري ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته، ”ڪهاڻي زندگيءَ جي ڪنهن به هڪ پهلوءَ ۽ جذبي ڪي ظاهر ڪري ٿو.“ (9)

سمر سيٽ مهام جو چوڻ آهي ته، ”ڪهاڻي ايترو مختصر هجي جو ڏهن منٽن ۾ پڙهي سگهجي ۽ ڊگهو وري ايڏو هجي جو وڌ ۾ وڌ هڪ ڪلاڪ ۾ پڙهي سگهجي.“ (10)

Eseh Wieh ”ڪهاڻي جي اختصار تي زور ڏئي ٿو، پر ان سان گڏ واقعن، ڪردارن ۽ پلاٽ ڪي به ان ۾ شامل ڪري ٿو. ان ڪان سواءِ هومختلف جزن جي اتحاد ڪي به اهم سمجهي ٿو ۽ پلاٽ ۽ ڪردار جي ويجهي تعلق بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ٿو.“ (11) پر وقت سان گڏ اها وصف به اڻ پورائيءَ جو احساس ڏياري ٿي ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ اها وصف تبديل ٿيندي رهندي.

مشهور نقاد ڊاڪٽر محمد احسن فاروقي مختصر ڪهاڻي جي تعريف هن ريت ڪئي آهي، ”اهو پهرئين ئي جملي ۾ يا وڌ ۾ وڌ پهرين پيراگراف ۾ متاثر ڪري. جيڪڏهن ڪو ڪهاڻي هڪدم متوجهه نه ڪندو ته آئون ان ڪي ناڪام ڪهاڻي سڏيندس. فن جو ڪمال اِهو آهي ته منڍ ۾ ئي معلوم ٿي وڃي ته ڪهاڻي ڪنهن بابت آهي؟ ڪهڙو واقعو آهي؟ ليڪ ڇا چوڻ گهري ٿو؟ ڪنان جو قصو آهي؟ ۽ ڪڏهن جو قصو آهي؟ ڪنهن جو قصو آهي؟ ڪٿي؟ ڪڏهن؟ ڪيئن؟ انهن ڇهن سوالن جو جواب هڪ منٽ ۾ ملڻ گهرجي، نه ته ان ڪي مختصر ڪهاڻي نه سڏيو ويندو.“ (12)

ڪهاڻي جي انهن سمورين وصفن جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ اهو نتيجو اخذ ڪري سگهجي ٿو ته، ”ڪهاڻي ادب جي اها صنف آهي، جنهن ۾ واقعن ڪي ڪهاڻيڪار اهڙي ريت بيان ڪري جو اهو اڻ پورو هوندي به پورائيءَ جو احساس ڏياري. مختصر ڪهاڻي ۾ ڪردار يا مختلف ڪردارن جون جهلڪيون نظر اينديون. ان ۾ ڪي واقعا پڻ نظر ايندا، پر اهي واقعا تمام مختصر وقفي اندر هئڻ گهرجن ۽ هڪ ئي مرڪزي خيال تي روشني وجهندا نظر اچن. مختصر ڪهاڻي جو حُسن، تفصيل ۾ نه؛ پر اختصار ۾ تفصيل جي جهلڪ نظر ايندي آهي ۽ ان جهلڪ جو فني اظهار ئي ڪهاڻي جو فن آهي. ڪهاڻي ۾ واقعا ۽ حالتون اهڙي سهڻي نموني ترتيب ڏيڻ گهرجن، جو پڙهندڙ ڪوڙ سمجهندي به

انهن کي سچو سمجهي ۽ چٽي ريت محسوس ڪري ته ڪهاڻي ۾ آيل ڪردارن جي رڳن ۾ حقيقي زندگيءَ جو رت ڊوڙي رهيو آهي.“ (13)

انهيءَ سلسلي ۾ محمد اسماعيل عرساڻي وڌيڪ لکي ٿو ته، ” ڪهاڻي ۾ فن جي نزاڪت به آهي ته ان سان گڏ مختصر ۽ دلچسپ به آهي. تفصيل کان زياده منجهس تصور آفريني آهي. ڪهاڻي پڙهندڙ جي جذبات تي انتهائي تيزي سان اثر انداز ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هن جي تخيل کي عمل جو موقعو ڏئي ٿو. هڪ مصروف انسان جنهن کي پڙهڻ لاءِ گهڻو وقت ميسر نه آهي، تنهن لاءِ هڪ عمدي ذهني غذا آهي. گويا ڪهاڻي اڄ جي انسانن جون ادبي گهرجون ۽ تقاضائون پوريون ڪيون آهن.“ (14)

مجموعي طرح اسان چئي سگهون ٿا ته ڪهاڻي هڪ اهم تخليقي صنف آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ ظاهري طرح فرضي ڳالهيون ٿين ٿيون، پر اهي ڪن صداقتن تي مبني آهن، جن مان زندگيءَ جي گذريل واقعن ۽ زماني جي حادثن کي بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. ڪٿي انسان جون پنهنجون سڌون، خواهشون ۽ آئنده جا حسين خواب به ان مان نظر اچن ٿا ته زندگيءَ ۾ آسائش ۽ لذتن کان محرومين ۽ ارمانن جي نقاب ڪشائي به ان مان ٿئي ٿي. ڪهاڻي افادي پهلو به رکي ٿو. ان وسيلي اخلاق جي تعمير به ڪري سگهجي ٿي. ڪڏهن معرفت جون رمزون ۽ نڪتا به ان ذريعي سمجهايا ويندا آهن، ته ڪڏهن وري زماني جي انقلابن ۽ واقعن کي به انهيءَ ذريعي ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي.

**ڪهاڻي ۽ ناول ۾ فرق:**

ڪجھ پڙهندڙ غلط فهمي جي آڌار تي ڪهاڻي کي مختصر ناول سمجهندا آهن. انهن جو خيال آهي ته ڪهاڻي ۽ ناول ساڳي صنف آهي، جنهن ۾ هڪ مختصر ۽ ٻيو ڊگهو آهي. پر اهو غلط آهي. اهو صحيح ڪونهي ته ناول ۽ ڪهاڻي ۾ رڳو عمر يا ڊيگھ جو فرق آهي، يا ناول هڪ وڏي آکاڻي آهي ۽ ڪهاڻي ننڍي آکاڻي، يا ناول ڪن افسانن جو مجموعو ٿئي ٿو يا ڪهاڻي ناول جو ننڍو پاءُ آهي. هن قسم جا رايا ڪنهن حد تائين صحيح ٿي سگهن ٿا پر سراسر صحيح نه. حقيقت ڪري ناول ۽ ڪهاڻي ۾ بنيادي ۽ فني فرق آهن، تنهنڪري ڪهاڻي کي ناول سمجهڻ غلط آهي، ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي جي پنهنجي هڪ خاص ٽيڪنڪ آهي ۽ ان جي جوڙجڪ ۾ به گهڻو فرق آهي.

عبدالقيوم صائب جو چوڻ آهي ته، ”ناول ۾ انساني زندگيءَ جو مڪمل نقشو ڪيبو آهي، ۽ ڪهاڻي ۾ انساني زندگيءَ جي ڪنهن هڪڙي موقعي يا واقعي جي تصوير پيش ڪبي آهي. قصي جو داستان وارو لطف ناول مان حاصل ٿي سگهي ٿو، نڪي ڪي ڪهاڻي مان. ناول ۾ مرڪزي پلاٽ سان گڏوگڏ ضمني پلاٽ به ٿيندا آهن: جن مان مرڪزي پلاٽ جي تعمير ۽ تاثير جي وڌيءَ حد تائين تڪميل ٿيندي آهي، پر ڪهاڻي ۾ هڪڙو پلاٽ ٿيندو آهي. ناول ۾ ڪردار ڪهاڻي جي مقابلي ۾ گهڻا هوندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ان ۾ ڪردار نگاريءَ جو وجھ پڻ وڌيڪ ملندو آهي. ناول پنهنجي ڪردارن جي ذهني ارتقاءِ جا پورا پورا نقش اجاگر ڪندو آهي، پر ڪهاڻي ڪنهن ڪردار جو هڪ رخ يا وقتي خصوصيت ڏيکاري سگهي ٿو. ان ڏس ۾ ناول کي جيڪو وسيع ميدان ۽ ماحول مليل آهي، سو ڪهاڻي کي نصيب ڪونهي. اهڙيءَ طرح ڏسبو ته ناول زندگيءَ جي هر ڏس ۾ نقشو ڪڍيو آڏيو اسان جي اڳيان بيهاري، پر ڪهاڻي ڪنهن هڪڙي ڪنڊ تائين محدود رهجيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان وٽ ايترو وقت ئي ڪونهي، جو هو ويهي، هر هڪ جزي ۽ جذبي جي نقش گري ڪري. اهو ئي سبب آهي جو ڪهاڻي صرف مرڪزي اهم ڳالهيون ڪريو جند ڇڏايو وڃي ۽ باقي خانه پُوري خود پڙهندڙ تي ڇڏيو ڏئي ۽ ناول پنهنجي وسعت جي ڪري هر هڪ جزي ۽ جذبي جي مڪمل تصوير ڪڍيو رکي ۽ پڙهندڙ کي وڌيڪ سوچڻ جي تڪليف ئي ڪونه ڏئي.“ (15)

هڪ نقاد لکيو آهي ته، ”اها آکاڻي جنهن مان دنيا ۾ ڪهاڻي جي شروعات ٿي هئي سا هڪ طرف گهٽن ئي واقعن جي پيچيدگيءَ سان موجوده ناول جي شڪل ۾جلوه گر ٿي، ته ٻئي طرف پنهنجي وحدت ۽ اختصار ۽ سادگيءَ سان ڪهاڻي جي قالب ۾ ظاهر ٿي. ان ريت ناول ۽ ڪهاڻي ساڳئي بنياد هوندي به پنهنجين ارتقائي منزلن، شڪلين ۽ فني خصوصيتن جي لحاظ کان هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف ٿي ويا.“ (16)

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته آيا ڪهاڻي جي ضرورت ۽ اهميت جي مدِ نظر اهو چوڻ درست آهي ته ناول ختم ٿي ويندو ۽ ڪهاڻي ان جي جاءِ وٺي بيهدو، جو ڪن پڙهندڙن جو اهو خيال آهي ته ڪهاڻي جي وڌندڙ ترقي ناول جي جڳهه وٺي ڇڏيندي. ان جو صرف هڪڙو ئي جواب آهي ته اهو خيال به غلط آهي ۽ ائين ڪونه ٿيندو، "ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي گهڙيءَ جو ساٿي آهي ۽ ناول زندگيءَ جو، سو زندگيءَ کي گهڙيءَ کن تان ڪٽي ٿو قربان ڪري سگهجي: ڇاڪاڻ جو جيڪي موقعا پوريءَ حياتيءَ ۾ انسان کي مليو وڃن، سي گهڙيءَ کن ۾ ممڪن ئي ڪونهن." (17)

ناول زندگيءَ جي مختلف مونجهارن کي نبيرڻ ۾ مدد ڪري ٿو، پر ڪهاڻي ۾ ان جي پڪيڙ گهٽ آهي ۽ هر معاملي کي نبيرڻ ۾ مدد نٿو ڪري. ڪهاڻي محدود هوندو آهي. ڪهاڻي ۾ زندگيءَ جو ڪو هڪ پهلو پيش ڪيو وڃي ٿو پر ناول ۾ زندگيءَ جي مختلف مسئلن ۽ بين پهلوئن کي پيش ڪيو ويندو آهي ۽ ناول وسيع هوندو آهي. "سو تنهن ڪري ائين چوڻ مناسب آهي ته ٻئي شيون - ناول توڙي ڪهاڻي - پنهنجي پنهنجي جڳهه والاري اڳتي وڌنديون رهنديون. نڪي ڪهاڻي جي ڪري ناول جي اهميت گهٽبي ۽ نڪي ناول جي ڪري ڪهاڻي ڪو ٻيو مرتبو ماڻي سگهندو." (18)

**ڪهاڻي ۽ ڊرامي ۾ فرق:**

ڪهاڻي، ناول جي نسبت ڊرامي جي وڌيڪ ويجهو آهي. ٻنهي ۾ جيڪا هڪجهڙائي آهي، سا آهي اختصار. ڪهاڻي هڪ ئي دفعي ۾ پڙهي پورو ڪرڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو، جڏهن ته ڊرامو هڪ ئي نشست ۾ ڏٺو يا ٻڌو وڃي ٿو.اها ٻي ڳالهه آهي ته ڊرامي کي اسٽيج تي ڏسڻ لاءِ ڪيئي ڪلاڪ لڳي سگهن ٿا پر ان جو مقصد هڪ ئي دفعي ۾ ڏسي يا ٻڌي پورو ڪرڻ هوندو آهي.

ڪهاڻي ۽ ڊرامو اتحادِ زمان ۽ اتحادِ مڪان جي لحاظ کان به هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو آهن ۽ ان جو سبب به ٻنهي صنفن جو اختصار آهي پر تنهن هوندي به ٻنهي ۾ بنيادي فرق آهي. ڊرامو اسٽيج يا اسڪرين ۽ اداڪارن جو محتاج آهي، ڇاڪاڻ ته جيتر ڊرامي جا ڪردار سانگ رچائي پنهنجي عمل ۽ فعل ذريعي پنهنجي فن جو اظهار نٿا ڪن، ان وقت تائين ڊرامي جا سيئي پهلو ڏسندڙن تائين نٿا پهچن. جڏهن ته ڪهاڻي فقط پڙهي پڙهندڙ پنهنجو مقصد حاصل ڪري وٺي ٿو. ڊرامو هڪ گڏيل فن آهي، جنهن ۾ ادب به آهي ۽ فن به آهي پر ڪهاڻي ۾ فقط ادب آهي ۽ ڪهاڻي صرف ۽ صرف ادبي صنف آهي.

**ڪهاڻي جو خام مواد ۽ موضوع / ڪهاڻي لاءِ خام مواد ۽ موضوع:**

ڪهاڻي جو خام مواد ۽ موضوع ڳولڻ لاءِ سوين طريقا ٿي سگهن ٿا. هيڏي ساري جهان ۾ موضوع ۽ مواد جي ڪوٺ ڪانهي،فقط ليکڪ وٽ مشاهدي جي تيز نظر هئڻ گهرجي. قدرتي ۽ فطرتي نظارا ڪنهن ڪهاڻي جو موضوع بنجي سگهن ٿا، جاندار ۽ بي جان شيون به ڪنهن به ڪهاڻي لاءِ مواد ۽ موضوع فراهم ڪن ٿا ۽ سڀ کان وڌيڪ ته انسان جي حياتي ڪهاڻيڪارلاءِ اهم موضوع يا مواد فراهم ڪن ٿا. انسان مختلف جذبن جو مجموعو آهي ۽ اهي ئي جذبا ليکڪ لاءِ بي حساب موضوع فراهم ڪن ٿا ۽ ڪهاڻيڪا رزندگيءَ جي ڪنهن به پهلوءَ کي اجاگر ڪري سگهي ٿو.

محبت، نفرت، خوشي، غم، ڏک، جوش ۽ اهڙي قسم جا ٻيا جذبا ڪهاڻي جو موضوع بنجي سگهن ٿا. موجوده دور ۾ جنسيات کي پڻ ڪهاڻي جو موضوع بنايو وڃي ٿو. ان کان سواءِ ڪهاڻيڪارانسان جي سياسي، سماجي، مذهبي، علمي، فني، اقتصادي ۽ تمدني زندگيءَ جي رخن کي پڻ ڪهاڻي جو موضوع بنائي سگهي ٿو. ان مان اها ڳالهه واضح ٿي ته ڪهاڻيڪارلاءِ موضوع ۽ مواد جي ڪا کوٽ ڪانهي فقط ڪيس زندگيءَ جي انهن رخن تي ويچارڻو آهي ۽ تجربا حاصل ڪرڻا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻي ڪارن پنهنجي افسانن لاءِ خام مواد ۽ موضوع مختلف معاملن ۽ مسئلن جي حوالي سان حاصل ڪيا آهن، مثلاً: امر جليل هيٺئين وچولي طبقي (Lower Middle Class) جي معاملن، مسئلن ۽ ڪردارن کي پنهنجي افسانن جو موضوع بنايو ته آغا سليم پيار، محبت جا موضوع پنهنجايا آهن. ننسيم

ڪرل ۽ جمال ابڙي ٻھراڙيءَ جي معاملن ۽ مسئلن کي تہ وري ماھتاب محبوب ۽ نورالھديٰ شاھ وري سنڌي سماج ۾ پيڙجندڙ خواتين جي مسئلن ۽ معاملن کي پنھنجي افسانن جي زينت بنايو آھي.

حقيقت اھا آھي تہ جيڪڏھن ليکڪ جوذھن سجاڳ آھي ۽ تيز آھي تہ ڪيس وِڪ وِڪ تي پنھنجي ڪھاڻي لاءِ موضوع ۽ مواد جي کوٽ ڪونھي. ڪو ڪھاڻيڪاردوستن سان جڏھن گفتگو ڪري ٿو تہ اھا گفتگو پڻ ڪنھن ڪھاڻي جو موضوع بنجي سگھي ٿي. ڪو واٿڙُو ڪنھن ڪھاڻي جو موضوع بنجي سگھي ٿو. ڪنھن رسالي جي تصوير يا ڪنھن اخبار جي خبر پڻ ليکڪ لاءِ ڪھاڻي جو موضوع ۽ مواد فراھم ڪري سگھن ٿا.

ليکڪ لاءِ اھو پڻ ضروري آھي تہ ڪھاڻي جي موضوع ۽ مواد جي چونڊ وقت تکڙ نہ ڪري پر جيتر ان موضوع جا سيئي رُخَ سندس آڏو نتا اچي وڃن تيتر ڪيس لکڻ نہ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ سندس لاءِ اھو ضروري آھي تہ انھن موضوعن تي قلم کڻي جن بابت ڪيس نہ فقط ڄاڻ ھجي پر انھن شين سان دلچسپي پڻ ھجي. ٻِي صورت ۾ ھُو ڪھاڻي ۾ نہ اصليت پيدا ڪري سگھندو ۽ نہ وري ان ۾ ڪو روح ڦوڪي سگھندو.

موضوع جي ڳولا لاءِ مشاھدي جي ضرورت آھي. مشاھدو جيترو تيز ھوندو موضوع اوترو سولائيءَ سان ملي سگھندو. مشاھدي کان علاوه ڪتابن جي اڀياس وسيلي ڪنھن ڪھاڻي لاءِ موضوع ۽ مواد فرھم ٿي سگھي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ڪتاب پڙھندي ليکڪ جي ذھن ۾ ڪيئي اھڙيون ڳالھيون ۽ نُڪتا اچن ٿا، جيڪي ڪيس اتساھ ڏيارن ٿا ۽ ھُو انھن معاملن ۽ پھلوئن تي قلم کڻڻ تي مجبور ٿئي ٿو. جڏھن تہ اخبارن ۾ ڇپيل ڇرڪائيندڙ ۽ دلچسپ خبرون بہ ڪھاڻي جو موضوع بنجي سگھن ٿيون، تہ ذاتي تجربا پڻ مواد فراھم ڪن ٿا، تنھن ڪري ڪھاڻيڪارلاءِ ضروري آھي تہ ھُو ذاتي تجربن مان پڻ لاڀ پرائي ۽ انھن کي ڪھاڻي جي زينت بنائي. ”ڪھاڻيڪارلاءِ ضروري آھي تہ سندس دل حساس ھجي، سندس دل ۾ زندگيءَ لاءِ محبت ۽ احترام ھجي ۽ صحيح ترجماني ڪرڻ جي صلاحيت ھجيس. ڪھاڻيڪار کي پنھنجي ڪھاڻيءَ لاءِ مواد پنھنجي ماحول مان حاصل ڪرڻو آھي، ايتري قدر جو وطن جي ڪين جھڙين شين کي بہ افسانن ۾ سمائڻ جي گنجائش رھي ٿي. ايترو آھي تہ ڪھاڻيڪار۾ انھن ڪين جھڙين شين کي فن رستي عوام ۾ اجاگر ڪرڻ جي صلاحيت ھجي.“ (19)

**ڪھاڻي جو موضوع يا عنوان / ڪھاڻي کي نالو ڏيڻ:**

ان ۾ ڪو شڪ ڪونھي تہ ڪھاڻيڪارپنھنجي تجربن، مشاھدن ۽ ٻين وسيلن ذريعي ڪھاڻي لاءِ مواد تہ گڏ ڪري وٺي ٿو ۽ ذھن ۾ ان جو پلاٽ ۽ آڪاڻي ترتيب ڏئي وٺي ٿو يا ڪِن صورتن ۾ ڪھاڻي بہ لکي ٿو، پر ان موقعي تي ڪھاڻي کي مناسب موضوع، عنوان يا نالو ڏيڻ پڻ نھايت اھم ھجي ٿو. ڪِن صورتن ۾ ليکڪ اڳواٽ نالو يا عنوان سوچي وٺندا آھن ۽ ان کان پوءِ ان جي مناسبت سان پلاٽ جي مختلف واقعن کي ترتيب ڏيندا آھن ۽ اھڙيءَ ريت ھُو آڪاڻي ۾ عنوان جي حوالي سان روشني وجھندا آھن. ڪو بہ پڙھندڙ ڪھاڻي جي عنوان يا نالي کي ڏسي ٿو، جنھن سان ڪھاڻي جي شروعات ٿئي ٿي، تنھنڪري اھو نالو يا عنوان ايڏو دلچسپ، اثرائتو، دلڪش، وڻندڙ ۽ ڌيان ڇڪائيندڙ ھجي جو پڙھندڙ نہ فقط ان ڏي پنھنجو ڌيان ڏئي پر سڄو ڪھاڻي پڙھڻ تي مجبور ٿئي.

ڪھاڻي کي نالي ڏيڻ لاءِ مختلف طريقا آھن، جن جو ذڪر ھيٺ ڏجي ٿو:

ڪھاڻي کي نالي ڏيڻ جو پھريون طريقو اھو آھي تہ ڪھاڻيڪارمختلف انساني جذبن جي حوالي سان عنوان ڏيندو آھي يعني جنھن جذبي جي عڪاسي ڪھاڻي ۾ ٿيندي ھجي ان جذبي سان ڪھاڻي کي عنوان ڏنو ويندو آھي. اھڙي ريت محبت، نفرت، خوشي، غم، حسد، ڪروڌ جي جذبن جي حوالي سان ڪھاڻي کي عنوان ڏئي سگھجي ٿو. ڪھاڻي کي نالي ڏيڻ جو ٻيو طريقو اھو آھي تہ جيڪڏھن ان ڪھاڻي ۾ ڪردارن کي وڏيڪ اھميت آھي ۽ اھي ڪھاڻي تي

چانيل آهن ته اهڙي ڪهاڻي ڪي سُورمي يا سُورميءَ جي نالي سان عنوان ڏنو ويندو آهي، مثلاً: اياز قادريءَ جو بلو دادا، جمال ابڙي جو پشو پاشا، امر جليل جو اروڙ جو مست ۽ غلام رباني آگري جو شيدُو ڌاڙيل وغيره.

ڪهاڻي ڪي نالي ڏيڻ جو ٽيون طريقو اهو آهي ته پڇاڙي يا انجام جي لحاظ کان ان کي نالو يا عنوان ڏئي سگهجي ٿو. پڇاڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڪاميابي حاصل ٿي ٿئي ته ڪاميابي جي لحاظ کان ۽ جيڪڏهن ڪيس شڪست نصيب ٿي ٿئي ته ان لحاظ کان نالو يا عنوان ڏئي سگهجي ٿو.

ڪهاڻي ڪي نالي ڏيڻ جو چوٿون طريقو اهو آهي ته ان کي موسم، وقت ۽ حالتن جي لحاظ کان نالو يا عنوان ڏجي. اهو طريقو ڪافي ڪامياب، دلڪش ۽ وڻندڙ پڻ آهي، مثلاً: امر جليل جو خوني رات وغيره.

ڪهاڻي کي نالي ڏيڻ جو پنجون طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته ڪهاڻيڪارڪنهن رومانوي فضا جي چونڊ ڪري ۽ ائين ڪرڻ لاءِ ڪيس ڪنهن شاعر جي تخيل واري قوت کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ ان سان گڏوگڏ ڪيس جدت ۽ ندرت کان به ڪم وٺڻو پوندو. آغا سليم جي افسانن جا موضوع گهڻو ڪري اهڙا ئِي آهن، مثلاً: ڪڙندا ڪنڊهار يا نيٺ ته بهار ايندو.

ڪهاڻي کي نالي ڏيڻ جو ڇهون طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته ڪهاڻيڪارڪنهن شاعر جي شعر جِي ڪنهن مصرع کي پنهنجي ڪهاڻي جو عنوان رکي ۽ ان مصرع مان ڪهاڻي جي مقصديت تي به روشني پوندي هجي. تمام گهڻن سنڌي ڪهاڻيڪارن شاهه لطيف جي بيتن جِي مصراعن کي پنهنجي افسانن جو عنوان بنايو آهي، مثلاً: غلام رباني آگري جو الا جهُري مَ شال غريبن جي جهوپڙي.

ڪهاڻي کي نالي ڏيڻ جو ستون طريقو اهو ٿي سگهي ٿو ته ڪهاڻيڪارآتم ڪهاڻي واري انداز ۾ ڪهاڻي لکي ۽ ان ۾ پنهنجي حالتن ۽ معاملن کي فڪر ۽ تخيل جي مدد سان پيش ڪري. اهڙن افسانن ۾ ڪهاڻيڪارجي پنهنجي شخصيت نمايان رهندي آهي. امر جليل جي افسانن ۾ اهو انداز عام جام نظر اچي ٿو، مثلاً: چربٽ ۽ نرس، بارنيس اسٽريٽ جو غندو وغيره.

ڪهاڻي کي نالي ڏيڻ جو انون طريقو اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪو اهڙو متضاد نالو يا عنوان هجي، جيڪو پڙهندي ئِي پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪائي يا ان کي چرڪائي ڇڏي. امر جليل وٽ اهڙي قسم جا عنوان اسان کي عام جام نظر اچن ٿا، مثلاً: جڏهن مان نه هوندس، سچل سرمست اِن ٽربل، تاريخ جو ڪفن ۽ شاهه لطيف DPR-8 وغيره.

مٿي ڪهاڻي کي نالي ڏيڻ جا ڪجهه طريقا ڄاڻايا ويا آهن، پر انهن کان سواءِ ڪهاڻي کي ٻين طريقن سان به نالا ڏئي سگهجن ٿا. ڪهاڻي جو نالو يا عنوان ڇا به هجي پر اهو وڻندڙ، دلڪش ۽ اثرائتو هئڻ گهرجي ته جيئن ان کي پڙهندي ئِي پڙهندڙ سڄي ڪهاڻي کي پڙهڻ تي مجبور ٿئي ۽ نالي مان ئِي ڪهاڻي جي متن ۽ مواد بابت بنيادي ڄاڻ حاصل ٿئي ۽ جيڪڏهن ائين ناهي ته اهڙو ڪهاڻي ڪامياب يا اثرائتو نه ليکبو.

**ڪهاڻي جي تمهيد:**

ڪهاڻي کي شروع ڪرڻ لاءِ پهرين ان جي تمهيد ٻڌبي آهي.جهڙي ريت ڪهاڻي جو نالو يا عنوان ضروري آهي ته دلڪش ۽ اثرائتو هجي، اهڙي طرح ڪهاڻي جي تمهيد پڻ دلڪش ۽ اثرائتي هئڻ گهرجي. حقيقت ۾ ڪهاڻي جي پهرئين ئِي جملي ۾ جادوءَ وارو اثر هئڻ گهرجي ته جيئن پڙهندڙ سڄو ڪهاڻي پڙهڻ تي مجبور ٿئي. پهريون جملو سادو سُوڌو هئڻ سان گڏوگڏ رنگين ۽ شاعراڻو ٿي سگهي ٿو. اهو ڪهاڻيڪارتي آهي ته هُو تمهيد کي ڪيئن اثرائتو بنائي ٿو. تمهيد ۾ اجائي ڊيگهه نه ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ ته اجائي ڊيگهه هئڻ سان پڙهندڙ کي بوريت محسوس ٿيندي ۽ ان جي دلچسپي برقرار رهي نه سگهندي ۽ نه وري تخيل گهڻو متانهون هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي ۾ متانهون تخيل تاثر پيدا ڪري نه سگهندو آهي.تمهيد ۾ دلڪشي ائين به پيدا ڪري سگهجي ٿي ته ڪهاڻي جي شروعات

آڪاڻيءَ جي ڪنهن وچ واري واقعي ڪان ڪجي. اهو طريقو وڏيڪ دلچسپ ليکيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن پڙهندڙن کي هڪ دفعو ڪنهن شيءِ بابت اڌ پوري ڄاڻ حاصل ٿيندي آهي ته ڪين باقي ڳالهين يا رهيل حصي کي ڄاڻڻ لاءِ بيچيني يا بيقراري رهندي آهي. ڪن افسانن ۾ وري تمهيد ۾ انجام يا پڇاڙي پهرين ڏيکاري ويندي آهي. اهو طريقو دلڪش ۽ اثرائتو هجي ٿو، ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ باقي رهيل حصي کي معلوم ڪرڻ لاءِ بيقرار رهي ٿو. جڏهن ته ڪي ڪهاڻيڪارتمهيد بيانيہ انداز ۾ شروع ڪندا آهن. جيتوڻيڪ اهو طريقو وڏيڪ اثرائتو نہ آهي پر اهو ليکڪ جي قلم جي زور تي منحصر آهي ته هو تمهيد ۾ ڪيتري قدر دلچسپي ۽ دلڪشي پيدا ڪري سگهي ٿو.

ڪجھ ڪهاڻيڪارپنهنجي ڪهاڻي جي شروعات ڪنهن مڪالمي سان ڪندا آهن ۽ ضروري آهي ته اهو مڪالمو دلچسپ هجي ۽ پڙهندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪي. ان ڪان سواءِ ڪهاڻي جي تمهيد ڪنهن ڪردار جي تعارف سان بہ ٿي سگهي ٿي. اهڙي موقعي تي ڪردار جو تعارف ڪنهن ڇرڪائيندڙ يا دلچسپ انداز ۾ ڪرايو وڃي. مطلب ته ڪهاڻي جي تمهيد ايتري قدر دلڪش ۽ اثرائتي هئڻ گهرجي جو اها پڙهندڙ کي سڄو ڪهاڻي پڙهڻ تي مجبور ڪري.

**ڪهاڻي جا جُزا:**

ڪهاڻي جا هيٺيان ڇھ جُزا آهن:

(1) پلاٽ (2) ڪردار نگاري (3) مڪالما (4) منظر نگاري (5) ٻولي يا اسلوب (6) مقصديت يا مقصدي پهلو

**(1) پلاٽ:**

خام مواد جي فراهمي ڪان پوءِ ڪهاڻيڪارآڏو اهو سوال پيدا ٿيندو آهي ته هو پلاٽ جي حيثيت ۾ ان جي ترتيب ڪهڙيءَ ريت رکي؟ ان ۾ ڪردارن، مڪالمن ۽ منظرن کي ڪهڙي ريت جڳھ ڏني وڃي؟ ۽ گڏ ڪيل خام مواد جي جوڙجڪ ڪهڙيءَ ريت ڪئي وڃي؟ ان سڄي جوڙجڪ کي پلاٽ ڪوٺبو آهي.

پلاٽ جي خوبي اها هجڻ گهرجي ته اهو زندگيءَ جي ويجهو هئڻ گهرجي ۽ جيڪي واقعا اسان جي زندگين ۾ رونما ٿين ٿا تن کي ڪهاڻي جي پلاٽ جو حصو بڻجڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ ڪهاڻي ۾ ادبي صداقت پيدا نٿي سگهندي. پر ڪهاڻي ۾ زندگيءَ جي واقعن کي جيئن جو تيئن بہ پيش نٿو ڪري سگهجي. ان ۾ڪجھ نہ ڪجھ بناوٽ ۽ تصنع (artificiality) جو هئڻ پڻ ضروري آهي. واقعن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ کي واقعات نگاري ڪوٺبو آهي. ڪهاڻيڪاريءَ لاءِ ضروري آهي ته ان ۾ ڪهاڻيي رنگ پڻ هجي. ان ڪان سواءِ ڪهاڻي ۾ اڇرج يا شش و پنج يا (suspense) واري صورتحال پيدا ڪرڻ ضروري آهي. اها صورتحال تڏهن پيدا ٿي سگهندي جڏهن ڪجھ منجهيل مسئلن کي آڏو آندو ويندو ۽ مونجهارن وسيلي ڪهاڻي ۾ زور ۽ شدت پيدا ڪري سگهبي. اهڙي صورتحال کي ڇڪتاڻ يا (crisis) ڪوٺبو آهي. دراصل ڇڪتاڻ واري مرحلي تي ڪهاڻيڪارکي ڪردارنگاريءَ جو موقعو ملي ٿو ۽ هو ڏيکاري ٿو ته ڪردار اهڙين حالتن ۽ ڪمن ۾ ڪيتري قدر سچا ۽ معنىٰ دار ثابت ٿين ٿا يا وري ڪهڙي طرح رياڪار ۽ بد نيت ٿي وڃن ٿا.

پلاٽ ۾ ڪشمڪش واري مرحلي ڪان پوءِ

انتها يعني (climax) جو مرحلو اچي ٿو. ان مرحلي ۾ جذبن ۾ شدت پيدا ٿئي ٿي ۽ واقعا نقطۂ عروج تي پهچي وڃن ٿا. حالتون نازڪ ٿي وڃن ٿيون ۽ پڙهندڙ جو شوق بہ وڌي وڃي ٿو ۽ هو انجام يا پڇاڙي معلوم ڪرڻ لاءِ آتو ٿي وڃي ٿو. ان موقعي تي انجام بلڪل مبهم ۽ غير يقيني هوندو آهي.

**(2) ڪردار نگاري:**

ڪردار نگاري ڪهاڻي جو اهم جزو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ ”ڪهاڻيي ادب جو رنگ محل جن ٿنڀن تي بيٺل آهي، ڪردار انهن ۾ هڪ تمام اهم ٿنڀ آهي. ڪردار جي پنهنجي هڪ نفسيات آهي، جنهن تحت هو ناول، ناٽڪ ۽ ڪهاڻي جي ڪهاڻيءَ کي ٽيڪ ڏئي ٿو“ (20)

ڪهاڻي جي ڪردارن کي حقيقي انسانن جيان هئڻ گهرجي بلڪ ڪهاڻي جا ڪردار اسان جهڙا جيئرا جاڳندا ڪردار هجن. اسان وانگر اٿندا ويهندا ۽ گهمندا ڦرندا هجن. انهن ڪردارن کان اسين تڏهن متاثر ٿينداسين جڏهن انهن ۾ حقيقت نگاري ۽ سچائي هوندي. ٻي صورت ۾ اهي پڙهندڙ جي دل ۾ ڪا مستقل جڳهہ والي نہ سگهندا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ٿڙو ڪهاڻيڪارن جا ڪردار سچا ۽ حقيقي آهن پر امر جليل جي ڪردارن جي اها خوبي آهي تہ انهن مان هر ڪردار سان پڙهندڙ کي پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. ڪهاڻي جي ڪردارن کي خوبين ۽ خامين ڀنهي جو مالڪ هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ڪهاڻي جا ڪردار انساني زندگيءَ جا عڪاس هوندا آهن. بنا ڪنهن سبب جي ڪنهن ڪردار کي اجايو مٿانهون يا پست نہ ڏيکارڻ گهرجي ۽ ان سان گڏوگڏ اهو بہ ضروري آهي تہ ڪردارن ۾ هڪجهڙائي نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ هر انسان ٻئي انسان کان سوچ، فڪر، صلاحيت، تجربي ۽ مشاهدي جي حوالي سان مختلف هوندو آهي. ڪردارن کي جاندار ۽ حقيقي بنائڻ لاءِ مشاهدي جي گهرج آهي. جيڪڏهن ڪهاڻيڪارباريڪ بينيءَ سان جائزو وٺي تہ ڪيس ڪو واٽ ويندڙ، بس ۾ سفر ڪندڙ، ڪو دڪاندار، ڪو دوست ساٿي مطلب تہ اهڙا سوين ڪردار هن کي نظر ايندا، جيڪي هن جي ڪهاڻي جو موضوع بنجي سگهن ٿا. ڪهاڻيڪارکي فقط انهن کي گهرائيءَ سان ڏسڻ جي گهرج آهي. ٻين لفظن ۾ تہ جيڪي ڪردار مشاهدي وسيلي حاصل ٿيندا سي حقيقي ۽ جاندار هوندا، پر مشاهدي سان گڏوگڏ تخيل جي بہ ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ تخيل جي رنگ وسيلي اسين ڪردارن کي وڌيڪ دلچسپ ۽ اثرائتو بنائي سگهون ٿا.

ڪهاڻي جي ڪردارن کي ٻن قسمي ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرئين قسم جا اهي ڪردار آهن، جن ۾ ڪهاڻي ۾ پيش ايندڙ واقعن سبب تبديلي ايندي رهي ٿي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انهن ۾ تصور جي پختگي نہ آهي. جڏهن تہ ٻئي قسم جا ڪردار اهي هوندا آهن، جيڪي طبعاً پختا هوندا آهن ۽ وقت ۽ حالتون انهن ۾ ڪا تبديلي آڻي نہ سگهندا آهن. ڪردارن ۾ تبديلي ٻن مرحلن تي ٿيندي آهي. پهرئين مرحلي موجب جڏهن ڪردار ۾ درجي بہ درجي تبديلي ايندي آهي تہ ان کي ڪردار جي ارتقا ڪوٺبو آهي. ڪهاڻي جي سُورمي يا سُورميءَ ۾ حالتن مطابق تبديلي رونما ٿئي ٿي ۽ اهي ڪهاڻيڪارجي سوچ يا فڪر جي عڪاسي ڪندي اڳتي وڌن ٿا. تبديليءَ جو ٻيو مرحلو اهو آهي، جڏهن ڪهاڻي جي سُورمي يا سُورمِيءَ ۾ جذباتي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي ۽ سندس ذهنَ، خيالن، سوچ ۽ فڪر ۾ تڪرار پيدا ٿئي ٿو ۽ ان لاءِ فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوي ٿو تہ ڪيس ڪهڙي واٽ اختيار ڪرڻ گهرجي. ان کي ڪردار جو اضطراب (character crisis) ڪوٺبو آهي. امر جليل جي افسانن جا اڪثر ڪردار اسان کي اهڙي ڪيفيت ۾ نظر اچن ٿا، ڇاڪاڻ تہ انهن جي گهڻائي معاشري جي ڏتڙيل ۽ ستايل طبقي سان تعلق رکي ٿي. اهڙي قسم جا ڪردار وڌيڪ اهميت بہ رکندا آهن. ڪهاڻي ۾ سڀ کان اهم ڪردار سُورمي يا سُورمِيءَ جو هوندو آهي ۽ سُورمي يا سُورمِيءَ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار حقيقت ۾ ڪهاڻي جي بقا جو دارومدار هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪهاڻي يا ڪهاڻي جو پلاٽ ان جي چوگرد گهمندو ڦرندو آهي، تنهنڪري انهن کي حقيقي ۽ سچو هئڻ گهرجي.

**(3) مڪالما:**

ڪهاڻي ۾ مڪالمن جي تمام گهڻي اهميت آهي. مڪالما ڪردارن جي عادتن ۽ خصلتن تي روشني وجهن ٿا. ان کان علاوه واقعن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪن ٿا. مڪالما ڪهاڻيڪارجي سوچ ۽ فڪر جي بہ عڪاسي ڪن ٿا. مڪالمن لاءِ ضروري آهي تہ انهن جو انداز بلڪل فطري هجي ۽ ڪا بہ ڳالهہ هٿ ٺوڪي نہ هجي. سادگي ۽ برجستگي مڪالمن جي جان هوندا آهن. مڪالمن لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ اهي مهل ۽ موقعي جي حساب سان چيل هجن، مثلاً: خوشيءَ

جي موقعي تي خوشيءَ جا لفظ ۽ ڏکوئيندڙ حالتن ۾ غمگين لب و لهجو هئڻ گهرجي. ان کان علاوه مکالما جنهن ڪردار جي واتان چورايا وڃن، اهي ان جي شخصيت جو آئينو هجن، اهي مختصر ۽ جامع هجن ۽ شرافت جي دائري ۾ چيل هجن ته جيئن پڙهندڙ ان جو سنو اثر قبول ڪن، ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي جو مقصد تعميري ۽ اصلاحي هوندو آهي، پر ان جو مقصد اهو ناهي ته ڪهاڻي ۾ کِل ڀوڳ،چرچو، ظرافت، طنز ۽ مزاح نه هجي. حقيقت، ظرافت، طنز، مزاح ۽ شگفتگي مڪالمن جي جان هوندا آهن پر طنز ۽ مزاح يا ظرافت ۾ ڇيڙڇاڙ جو عنصر نه هئڻ گهرجي ۽ ڪهاڻي جيئن ته هڪ مختصر صنف آهي تنهن ڪري ڪهاڻيڪارلاءِ ضروري آهي ته انهن ۾ اجايا ۽ بي مقصد مڪالما شامل نه ڪيا وڃن، پر اهي مڪالما شامل ڪيا وڃن، جيڪي ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ ۾ مددگار ثابت ٿين.

**(4) منظر نگاري:**

ڪهاڻيڪارپنهنجي ڪهاڻي ۾ ڪي نه ڪي منظر پيش ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته منظرن پيش ڪرڻ کان سواءِ ڪهاڻي کي اڳتي وڌائي نٿو سگهجي. ڪهاڻيڪارلاءِ اهو به ضروري آهي ته هو پنهنجي افسانن ۾ مقامي رنگ کي وڌيڪ پيش ڪري، ڇاڪاڻ ته ان بابت ڪيس وڌيڪ ڄاڻ حاصل هوندي آهي ۽ اهڙن منظرن کي پيش ڪرڻ کان پاسو ڪري جن بابت ڪيس گهٽي ڄاڻ نه هجي. بين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهڙا منظر پيش ڪيا وڃن جيڪي ليکڪ جي مشاهدي ۾ آيل هجن. حقيقت ۾ هر ملڪ جون جاگرافي حالتون ۽ آبهوا مختلف آهي. ان آڌار تي اتان جي رهاڪن جون عادتون ۽ خصلتون پڻ مختلف هجن ٿيون. تنهن ڪري ڪهاڻيڪارلاءِ ضروري آهي ته جيڪڏهن هو ٻئي ڪنهن ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو ته ان بابت ڪيس ڀرپور مشاهدو ڪرڻ گهرجي.

**(5) ٻولي يا اسلوب:**

لکندڙ ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ لفظ ۽ انهن کي پيش ڪرڻ جو انداز رابطي جو ذريعو هوندا آهن. تنهن ڪري ليکڪ لاءِ ضروري آهي ته هو اهڙن لفظن جي چونڊ ڪري ۽ اهڙو اندازِ بيان اختيار ڪري، جنهن سان پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪيل رهي ۽ هو سجو ڪهاڻي پڙهڻ تي مجبور ٿئي.

ڪن ڪهاڻيڪارن وٽ مضبوط پلاٽ هوندو آهي، جاندار ڪردار هوندا آهن پر ڳالهه ٻڌائڻ جو ڏانءُ نه هوندو آهي، نتيجي طور اهڙو ڪهاڻي ڪامياب ڪونه ليکبو. تنهن ڪري اهو ضروري آهي ته وڻندڙ، دلڪش ۽ اثرائتو اسلوب اختيار ڪجي ته جيئن پڙهندڙ جي دلچسپي برقرار رهي سگهي. انداز جيترو دلچسپ هوندو پيغام اوترو ئِي اثرائتو پهچندو.

**(6) مقصديت يا مقصدي پهلو:**

ڪهاڻي جو مقصد تعميري هوندو آهي. ڪهاڻي زندگيءَ جي تفسير آهي ۽ زندگيءَ کي وڌ ۾ وڌ خوشگوار بنائڻ هر انسان جو فرض آهي. ڪهاڻيڪاربه پنهنجي فن وسيلي زندگيءَ کي خوشگوار بنائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، ان ڪري هو پنهنجي افسانن کان تعميري ڪم وٺي ٿو. تعميري ڪمن لاءِ ڪهاڻيڪارآڏو مختلف ميدان هجن ٿا، مثلاً: سياسي، سماجي، اخلاقي، تهذيبي ۽ تمدني ميدان وغيره، جن تي هو لکي ٿو ۽ ڪردارن وسيلي پنهنجو مقصد پورو ڪري ٿو. هُو انهن ڪردارن مطابق واقعن ۽ ڪهاڻيءَ جو ڄار اُڻي ٿو، يا وري گڏ ڪيل واقعن جي پيشِ نظر ڪردار تخليق ڪري ٿو. ڪهاڻيڪارپنهنجو مقصد سنئون سڌو پيش نٿو ڪري، پر ڪردار پنهنجي عمل، فعل ۽ مڪالمن وسيلي سندس نظريي تي روشني وجهن ٿا. ان ڪري ڪهاڻيڪارلاءِ ضروري آهي ته هو ڪردارن کي پنهنجي مقصد جي تڪميل لاءِ استعمال ڪري ۽ انهن جي عمل، فعل ۽ مڪالمن کي پنهنجي مقصد جي تابع ڪري.

سنڌي ٻوليءَ ۾ افسانا ڪنهن نه ڪنهن مقصد تحت لکيا ويا آهن، مثلاً: امر جليل جي افسانن ۾ ڏتڙيل طبقن جي نشاندهي ٿيل ملي ٿي، جڏهن ته ماهتاب محبوب ۽ نورالهدىٰ شاهه جي افسانن ۾ عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ جي

عڪاسي ٿيل آهي ته وري ساڳئي وقت آغا سليم جي افسانن ۾ حُسن، عشق، محبت ۽ پيار جي جذبن جي عڪاسي ٿيل ملي ٿي.

**ڪهاڻي جو خصوصيتون:**

(1) **اختصار:**

ڪهاڻي جي بناوٽ تي نظر ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته اختصار ان جي سڀ کان زياده نمايان خصوصيت آهي. ڪهاڻي ان ڪري لکيو وڃي ٿو ته ان کي هڪ ئي نشست ۾ پڙهي پورو ڪري سگهجي. آمريڪي افسانه نگار ايڊگر ايلن پو چوي ٿو ته، ” نثر جي اها ڪهاڻي، جيڪا پڙهندڙ هڪ ئي نشست ۾ يعني اڌ ڪلاڪ يا وڌ ۾ وڌ هڪ يا ٻن ڪلاڪن اندر پڙهي پوري ڪري سگهي ته ڪهاڻي سمجهڻ گهرجي.“ اهو اختصار يا مختصر هجڻ ڪهاڻي جي گويا سڀ کان وڏي سچاڻپ آهي. ان ڪري ڪهاڻيڪار کي گهرجي ته هو اهڙو موضوع چونڊي جنهن کي مختصر انداز ۾ پيش ڪري سگهي. ڪهاڻي ۾ اجائي ڊيگهه جي گنجائش نه هوندي آهي. ان جو اندازو ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ڪري سگهجي ٿو ته ڪهاڻي کي اجا به وڌائي سگهجي ٿو يا مختصر ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اختصار ۾ ڪا کوٽ آهي يا ڪهاڻيءَ ۾ ڪو خلا رهجي ويو آهي ته اهڙي ڪهاڻي کي وڌائي سگهجي ٿو. ٻي صورت ۾ ان ۾ اجائي ڊيگهه جي ضرورت نه آهي. پر ان جو اهو مقصد ڪونهي ته ڪهاڻي ۾ فقط هڪ ئي واقعي جي عڪاسي ڪري سگهجي ٿي. واقعا ڪيترائي ٿي سگهن ٿا ۽ اهي واقعا ڪيترن ئي سالن جي عرصي تي پکڙيل ٿي سگهن ٿا. انهن واقعن ۾ زندگيءَ جي مختلف رخن جي تصويرڪشي ڪري سگهجي ٿي. پر ان سان گڏوگڏ اها ڳالهه به ضروري آهي ته ڪهاڻي جي ارتقا يا پکيڙ ۾ اجايو بحث مباحثو نه ڪيو وڃي، تڏهن ئي ڪهاڻي مختصر ٿي سگهي ٿو.

(2) **اهم واقعو صرف هڪ هوندو آهي:**

انسان جي زندگي ڪيترن ئي تجربن ۽ واقعن جو مجموعو آهي. ڪهاڻيڪار انهن مان ڪنهن هڪ واقعي، مسئلي يا ڪردار کي منتخب ڪري پنهنجي ڪهاڻي جو اساس قرار ڏئي ٿو ۽ ان کي پرپور تاثر سان پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو. هو ڪنهن هڪ تحريڪ کان متاثر ٿي قلم کڻي ٿو ۽ ان جو پرپور تاثر پڙهندڙن تائين پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. حقيقت ۾ مکيه يا اهم واقعو صرف هڪڙو ئي هوندو آهي ۽ ٻيا ننڍا ننڍا واقعا يا حادثا به ڪهاڻي ۾ ٿيندا آهن، پر اهي سڀ ان مکيه واقعي جون ڪڙيون هونديون آهن، جي ان کي اجاگر ڪنديون آهن ۽ ڪهاڻي جي تڪميل ۾ مدد ڪنديون آهن. انهن ننڍڙن واقعن ۾ به زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جي تصوير ڪشي ڪئي ويندي آهي. ليڪن مختصر ڪهاڻي ۾ بيڪار بحث مباحثا، بيسود نظرين جو پرچار يا فضول واقعن جو ذڪر ڪونه هوندو آهي، تنهنڪري ئي اهو مختصر ٿئي ٿو. ان مکيه مسئلي جي ارد گرد ٻيا به مسئلا ڪهاڻي ۾ زيرِ قلم ايندا آهن، پر اهي سڀ ان مکيه واقعي کي نکارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

(3) **ربط يا تسلسل (continuity):**

ربط به ڪهاڻي جي هڪ اهم خصوصيت آهي. ڪهاڻيڪار لاءِ ضروري آهي ته واقعن کي گڏيل انداز ۾ پيش ڪري. جيڪڏهن واقعا منتشر هوندا ته پلاٽ ۾ جهول محسوس ٿيندو ۽ ڪهاڻي جي فن جي حساب سان اها وڏي خامي ليکي ويندي. ڪهاڻيڪار ڪهاڻي ۾ ربط ان وقت پيدا ڪري سگهي ٿو جڏهن ڪهاڻي جي پلاٽ تي هو پهرين چڱيءَ ريت سوچ ويچار ڪري وٺي. سندس ذهن ۾ مختلف واقعن جون جيڪي ڪڙيون وکريل آهن، تن کي يڪجا ڪري ڪڙي کي ڪڙي سان ملائي هڪ اهڙي زنجير تيار ڪري، جنهن ۾ مسلسل ربط هجي.

**(4) زمان، مڪان ۽ عمل ۾ اتحاد:**

ڪهاڻي جي سڀ کان وڏي خصوصيت اها آهي تہ ان ۾ زمان، مڪان ۽ عمل ۾ اتحاد هئڻ گهرجي. زمان جي اتحاد مان اهو مفهوم آهي تہ ڪهاڻي ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ ان دور جي واقعن ۾ مطابقت هئڻ گهرجي. ڪهاڻي ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو تسلسل وقت سان مطابقت رکندڙ هجي ۽ ان ۾ تضاد نہ هجي. جيڪڏهن واقعن ۽ وقت ۾ مطابقت نہ هوندي تہ ڪهاڻي ۾ تضاد پيدا ٿيندو. اهڙا واقعا جيڪي ڪنهن خاص وقت يا موسم ۾ پيش نہ ايندا هجن انهن کي جيڪڏهن افسانن ۾ ڏيکاريو وڃي تہ اهي اتحادِ زمان جي خلاف يا برعڪس هوندا.

ساڳيءَ ريت ڪهاڻي ۾ اتحادِ مڪان جي ضرورت آهي، مثلاً: هڪڙي ڪردار کي هڪ وقت ۾ هڪ ئي جاءِ تي ڏيکاري سگهجي ٿو. اِهو ڪونهي تہ هُو هڪ ئي وقت مختلف ملڪن جو سير ڪندو رهي. جيڪڏهن ڪهاڻيڪارڪهاڻي ۾ اتحادِ مڪان جو خيال نٿو رکي تہ ان صورت ۾ ڪهاڻي ۾ تضاد پيدا ٿيندو.

ساڳيءَ ريت ڪهاڻي ۾ اتحادِ عمل ضروري آهي يعني ڪردارن جي افعالن ۾ مطابقت هئڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ائين نہ هوندو تہ ان سان بہ ڪهاڻي جي فن کي ڇيهو رسندو. اهڙي طريقي سان انسان جا عمل ۽ سندس افعال پاڻ ۾ مطابقت رکندا هجن يعني هڪ ڪردار هڪ ئي وقت ۾ ايماندار يا بي ايمان، ظالم يا همدرد نٿو ٿي سگهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ انسان جي فطرت ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي پر واقعن جي اثر وسيلي اها درجي بہ درجي ٿيندي آهي. هڪ ئي وقت ۾ ڪو هڪ ڪردار مختلف طبيعتن جو مالڪ نٿو ٿي سگهي.

**(5) ڪردارن ۽ مڪالمن ۾ حقيقت جو رنگ:**

ڪهاڻي جا ڪردار انساني زندگيءَ جي مختلف شعبن مان ڪنيا ويندا آهن ۽ انهن ۾ حقيقت جو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي ڪردار حقيقي انسان لڳن ٿا. انهن جي خاص طرز عمل، جا ڪهاڻيڪارمنتخب ڪري ٿو، سا بلڪل فطري نظر اچي ٿي ۽ پڙهندڙ کي يقين ٿي وڃي ٿو تہ انهيءَ ماحول ۾ جيئرا جاڳندا ڪردار صرف اهو ئي ڪري سگهيا ٿي ۽ انهيءَ فضا ۾ رڳو اهي ئي واقعا رونما ٿي سگهيا ٿي.

اهڙيءَ طرح سان ڪهاڻي جا مڪالما بہ حقيقت سان ڀرپور هوندا آهن. اهي هڪ طرف تہ ڪردارن کي اجاگر ڪندا آهن تہ بي طرف ڪهاڻيءَ جي رفتار کي اڳتي وڌائيندا آهن. مخصوص طبع، عمر ۽ صنف وارا جدا جدا ڪردار پنهنجي اصلي زندگيءَ ۾ ڳالهائيندا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جن جي زبان هر لحاظ کان فطري ٿيندي آهي.

**(6) عمل ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ توازن:**

ڪهاڻي جي عمل ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ توازن هوندو آهي. ڪهاڻي جا سڀئي ننڍا وڏا جزا پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڳتيل هوندا آهن ۽ انهن ۾ هڪ خاص قسم جو توازن هوندو آهي. ڪهاڻي پنهنجي پوري سلسلي سان ختم ٿيڻ واري مقرر هنڌ ڏانهن آهستگيءَ سان هلندي رهندي آهي ۽ اهڙي طريقي سان ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي پهچندي آهي.

(7) آغاز ۽ انجام:

ڪهاڻي ۾ آغاز ۽ انجام تمام گهڻي اهميت رکن ٿا، پر ان لاءِ ڪو بہ شرط مقرر نہ آهي: ڇاڪاڻ جو ڪي ڪهاڻيڪارڪهاڻي کي پلاٽ جي خاتمي کان شروع ڪندا آهن تہ ڪي وري وچ مان شروع ڪندا آهن. خاتمي کان ابتدا ڪرڻ ۾ خاتمي جو بلڪل فڪر نٿو رهي، ڇاڪاڻ جو ڪهاڻي پنهنجي منزل کان سفر جو آغاز ڪري ٿو ۽اهو ڪهاڻيڪارجيڪو وچ مان قصو ڪٽي ٿو، سو پوري اعتماد ۽ اختصار سان ڳڻ اڳتي وڌندو رهي ٿو. هن کي هر منزل تي پنهنجي آخري منزل جو پورو پورو احساس رهي ٿو.

## حوالا


1. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع، ص:178
2. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، نيو ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڪراچي، 2006ع، ص: 289
3. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ _ جلد ٽيون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، ص: 69
4. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو، نيو ڪانياواڙ اسٽورز، اردو بازار، ڪراچي، 2006ع، ص: 289
5. ايضاً، ص: 289
6. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ص: 8
7. ايضاً، ص: 8-9
8. ايضاً، ص: 9-10
9. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ _ جلد ٽيون، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، ص: 69
10. قاضي خادم، ڊاڪٽر، ادب ۽ روايتون، ص: 50
11. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع، ص:178
12. قاضي خادم، ڊاڪٽر، ادب ۽ روايتون، ص: 51
13. ايضاً، ص: 51
14. عرساڻي، محمد اسماعيل، چار مقالا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد، 1983ع، ص: 57-58
15. صائب، عبدالقيوم، سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول نويسي، (مضمون)، سنڌي نصاب لازمي- ٻارهين ڪلاس لاءِ، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو، 1998ع، ص: 126-127
16. ايضاً، ص: 127
17. ايضاً، ص: 127
18. ايضاً، ص: 128
19. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع، ص:178
20. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ڪنمال، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2002ع، ص: 551